# آسان سنڌي ڪتاب

## ٽِئين ڪلاس لاءِ

شهيد بينظير ڀٽو
SHAHEED BENAZIR BHUTTO
FREE TEXTBOOK SERIES
مفت نصابي ڪتابن جي ورهاست جو سلسلو



سنڌ ٽيڪسٽ بُڪ بورڊ، ڄام شورو

ڇپيندڙ: علي حسنين پروسس اينڊ پرنٽنگ سروسز، حيدرآباد

هن ڪتاب جا سڀ حق ۽ واسطا
سنڌ ٽيڪسٽ بُڪ بورڊ، ڄام شورو سنڌ وٽ محفوظ آهن.

سنڌ ٽيڪسٽ بُڪ بورڊ، ڄام شورو سنڌ جو تيار ڪرايل

تعليم کاتي جو سنڌ صوبي جي اسڪولن لاءِ
واحد درسي ڪتاب طور منظور ڪيل

نگران اعليٰ: **پرويز احمد بلوچ**
چيئرمين، سنڌ ٽيڪسٽ بُڪ بورڊ

نگران: • جمشيد احمد جوڻيجو

ليکڪَ: ڊاڪٽر غلام علي الانا
ڊاڪٽر عبدالڪريم سنديلو

ايڊيٽرَ: ڊاڪٽر غلام علي الانا
اويس ڀٽو

ڪمپيوٽر ڪمپوزنگ: واحد بخش سولنگي

لي آئوٽ گرافڪس: هارون اياز ابڙو

هيءُ ڪتاب پنجاب پرنٽنگ پريس، ڪراچيءَ ۾ ڇپيو.

# اُستادن لاءِ هدايتون

هيٺ هرهڪ سبق سيکارڻ لاءِ مختصر نموني ۾ ڪجهه سمجهاڻيون ڏجن ٿيون. اُستادن کي گهُرجي تہ هرهڪ سبق شروع ڪرڻ کان اڳ انهيءَ سبق سان واسطو رکندڙ هدايتون پڙهن ۽ اهي ڳالهيون شاگردن کي سمجهائي، پوءِ سبق شروع ڪن.

① – سنڌيءَ ۾ يي معروف ( ي ) ۽ يي مجهول ( ے ) ۾ ڪوبہ فرق ڪونہ آهي. شروعاتي سبقن ۾ يي معروف جي هيٺان زير ـِ ڏيئي ان کي ظاهر ڪيو ويو آهي ۽ يي مجهول کي بنا زير جي ظاهر ڪيو ويو آهي. هيءَ ڳالهہ بہ ياد رکڻ گهرجي تہ سنڌيءَ ۾ جڏهن "ي" جو حرف لفظ جي پڇاڙيءَ ۾ اچي ٿو تڏهن ان کي ٻہ ٽٻڪا ڏيڻ ۾ ايندا آهن. مگر اردوءَ ۾ ائين ڪونہ آهي.

② – سنڌيءَ ۾ ڪاف هن طرح لکبو آهي "ڪ" مگر اُردوءَ ۾ "ک" لکبو آهي.

③– اُردو الف ب ۾ ٽن اکرن ٹ،ڈ،ڑ تي "ط" جي نشاني ڏيڻ ۾ ايندي آهي. مگر سنڌيءَ ۾ انهن اکرن تي ٽٻڪا ڏنا ويندا آهن مثلاً ٽ، ڊ، ڙ.

④– اُردو جا اٺ اکر "ھ" ملائڻ سان نهن ٿا، اهي آهن: بھ، تھ، ٹھ، پھ، چھ، دھ، ڈھ، کھ. مگر سنڌيءَ ۾ انهن اکرن کي ٽٻڪا ڏنا ويندا آهن. مثلاً ٻ – ٿ – ٺ – ڦ – ڇ – ڌ – ڍ – ڍ صرف "ک" اهڙو اکر آهي جنهن کي ٽٻڪن سان ظاهر نہ ڪبو آهي.

⑤– "ڻ" جو اکر سنڌي ٻوليءَ ۾ گهڻو استعمال ٿيندو آهي. ان جو آواز اردوءَ ۾ "ن" جي آواز سان بدلجي ٿو. جيئن لکڻ= لکهنا، پڙهڻ=پڑھنا.

⑥–"ٻ" جو اکر سنڌي الف ب جو ٽيون اکر آهي، جيڪو 'ٻ' ڪان پوءِ اچي ٿو، هن جو آواز اُردوءَ ۾ "ب" جي آواز سان بدلجي ٿو. جيئن ٻڪري= بکری. ٻلي= بلی وغيره.

⑦–"ڄ" جو اکر سنڌي زبان ۾ ڪم اچي ٿو، اُردو زبان ۾ هن جو آواز "ج" جي آواز سان تبديل ٿيندو آهي. مثلاً: ڄمون= جامن- ڄاري= جالی وغيره.

⑧– "ڏ" جو اکر سنڌي زبان ۾ ڪم اچي ٿو، اُردو زبان ۾ هن جو آواز "د" ۽ "ڈ" جي آواز سان تبديل ٿئي ٿو. مثلاً: ڏاڏو= دادا- ڏوري= ڈوری وغيره.

⑨–"ڳ" جو اکر سنڌي زبان ۾ ڪم اچي ٿو، اُردو زبان ۾ هن جو آواز "گ" جي آواز سان تبديل ٿئي ٿو. مثلاً: ڳئون= گائے- ڳائڻ= گانا وغيره.

⑩–"ڃ" جو اکر سنڌي زبان ۾ ڪم اچي ٿو، هن طرح هن جو آواز "نج" جي گڏيل آواز سان تبديل ٿئي ٿو. مثلاً: پڃرو= پنجره وغيره.

⑪–"ڱ" جو اکر سنڌي زبان ۾ ڪم اچي ٿو. هن جو آواز "نگ" جي آواز ۾ تبديل ٿئي ٿو. مثلاً: مڱ= مونگ. سڱ=سینگ وغيره.

# ہدایات

(۱) — سندھی میں یائے معروف (ی) اور یائے مجہول (ے) میں کوئی فرق نہیں۔ البتہ ابتدائی سبقوں میں یائے معروف کے ماقبل حرف پر دستوری زیر ـِ کی حرکت اور یائے مجہول کی حالت میں زیر نہیں دیا جاتا یاد رکھنا چاہیے کہ سندھی رسم الخط میں ی کے نُقطے لفظ کے آخر میں بھی لازمی طور پر لکھے جاتے ہیں، بر خلاف اُردو رسم الخط کے جس میں آخر والی ی پر نُقطے کبھی نہیں دیئے جاتے۔

(۲) — سندھی رسم الخط میں "کاف کلِمن" کا حرف اس شکل ڪ میں لکھا جاتا ہے۔

(۳) — اُردو الف، بے کے تین حُروف پر "ط" کی علامت آئی ہے جیسے "ٹ—ڈ—ڑ" لیکن ان کے سندھی متبادل حُروف پر "ط" کی علامت کے بجائے چند "نقطے" آتے ہیں۔

(۴) — اُردو الف۔ بے کے آٹھ حروف دو چشمی ھ ملانے سے بنتے ہیں جیسے:-

بھ—تھ—ٹھ—پھ—چھ—دھ-ڈھ—کھ

ان کے متبادل سندھی حروف پر ھ کے بجائے نقطے لگائے جاتے ہیں۔ سوائے "کھ" کے

(۵) - ڻ (ڑونڑن)۔ یہ "ن" کے کُنبہ کا حرف ہے جو اُردو زبان میں مستعمل نہیں ہے۔ سندھی زبان کا ایک کثیر الاستعمال حرف ہے اور ہندی زبان کے اکثر الفاظ جو اُردو اور سندھی دونوں زبانوں مین یکساں مروّج ہیں ان میں صرف ن اور ڻ کا فرق ہے۔ "ڻ" کا حرف سندھی میں اسم مصدر کی علامت بھی ہے۔

(۶) - ٻ (ٻے)۔ یہ سندھی الف بے کا تیسرا حرف ہے جو ب کے بعد آتا ہے۔ اس لیے یہ حرف ب کے کنبے کا حرف شمار کیا جاتا ہے اور اس کا مخرج بھی وہی ہے جو ب کا مخرج ہے۔ فرق صرف اتنا ہے کہ ب کے لیے ہونٹوں کو ایک دوسرے سے ملا کر فوراً الگ کیا جاتا ہے لیکن اس حرف ٻ کے لیے ہونٹوں کو تھوڑا دبا کر ہوا کو اندر کی طرف کھینچا جاتا ہے۔ اس حرف کی اُردو اور سندھی میں ملتی جُلتی مثالیں بہت کثرت سے ملتی ہیں۔ جن میں اُردو میں ب ہے اور سندھی میں ٻ ہے۔

⑦۔ ڄ (ڄے)۔ یہ بھی سندھی زبان کا ایک خاص حرف ہے جو اردو زبان میں مُستعمل نہیں ہے۔ اس کا مخرج ج کے مخرج کے لگ بھگ ہے۔ ج کی آواز کے لیے تالو اور زبان کی چوٹی میں سے باہر کو جاتی ہے اور اس حرف کے لیے زبان کے کناروں کو ذرا زیادہ دبا کر آواز کو اندر کی طرف کھینچا جاتا ہے۔ دونوں زبانوں میں چند الفاظ ایسے ہیں جس میں صرف ڄ اور ج کے حرف کا فرق ہے اردو میں ج اور سندھی میں ڄ استعمال ہوتا ہے۔

⑧۔ ڏ (ڏال)۔ یہ حرف د کے کنبے مین سے ہے جس کی آواز زبان کے سرے کو مسوڑھوں سے لگا کر اس کو ایک دم اندر کی طرف کھینچنے سے نکلتی ہے۔ اُردو زبان میں اس حرف کی متبادل مثالیں د اور ڈ دونوں حروفوں میں ملتی ہیں۔

⑨۔ ڳ (ڳے)۔ یہ گ کے کنبے کا حرف ہے اور اس کا مخرج بھی وہی ہے جو گ کا ہے۔ فرق صرف یہ ہے کہ گ کے بولتے وقت مُنہ سے ہوا ذرا باہر جاتی ہے اور اس حرف کے لیے اندر کو کھینچی جاتی ہے۔ اس حرف کے ملتے جلتے الفاظ اُردو اور سندھی میں کثرت سے ملتے ہیں۔

⑩۔ ڃ (ڃے)۔ یہ ج کے کہنے کا ایک حرف ہے جو اُردو مین مستعمل نہیں ہے۔ اس کا تلفظ نون غنّہ اور جیم (نج) کے تلفظ کے لگ بھگ ہے۔ کیوں کہ اردو کا جو مونج ہے اس کو سندھی مُڃَ کہتے ہیں اور قریب قریب۔ یہی حال ہے باقی سندھی اور اُردو کے اس قسم کے متبادل الفاظ کا۔

⑪۔ ڱ (ڱے)۔ یہ حرف بھی گ کے کنبے کا ہے، اُردو لغت کے مطابق یہ حرف نُون غُنّہ اور گ (نگ) کے برابر ہے کیوں کہ سندھی کے مُڱَ کو اُردو میں مُونگ، اور سندھی کے سڱ کو اُردو میں سِینگ کہا جاتا ہے باقی ان سب لفظوں کا جو اس حرف سے اُردو اور سندھی میں مروّج ہیں قریب قریب یہی حال ہے۔

# سنڌي ۽ اُردو اَلِف – بي

| اُردو | سنڌي | اُردو | سنڌي | اُردو | سنڌي |
|---|---|---|---|---|---|
| -- | ٻ | ب | ب | ا | ا |
| تھ | ٿ | ت | ت | بھ | ڀ |
| ث | ث | ٹھ | ٺ | ٹ | ٽ |
| -- | ڄ | ج | ج | پ | پ |
| چ | چ | -- | ڃ | جھ | جھ |
| خ | خ | ح | ح | چھ | ڇ |
| -- | ڏ | دھ | ڌ | د | د |
| ذ | ذ | ڈھ | ڍ | ڈ | ڊ |
| ز | ز | ڑ | ڙ | ر | ر |

| أردو | سنڌي | أردو | سنڌي | أردو | سنڌي |
|---|---|---|---|---|---|
| ص | ص | ش | ش | س | س |
| ظ | ظ | ط | ط | ض | ض |
| ف | ف | غ | غ | ع | ع |
| ک | ڪ | ق | ق | پھ | ڦ |
| -- | ڱ | گ | گ | کھ | ک |
| ل | ل | -- | ڳ | گھ | گھ |
| -- | ڻ | ن | ن | م | م |
| ء | ء | ھ - ہ | ھ | و | و |
| | | ی ے | ي | | |

بسم اللّٰہ الرحمٰن الرحیم

## سبق پهريون

يِ = ی

| | | | | | |
|---|---|---|---|---|---|
| قاضِيْ | يِ | (ی) | پَڙهي | ي | (ے) |
| حاجِيْ | يِ | (ی) | لِکي | ي | (ے) |
| باقِيْ | يِ | (ی) | اَڇي | ي | (ے) |





جِيپ – سِيرَ – سير – شير.

ڪاپِي – هِي – آهي.

## سبق ٻيو

# ٻ

| | |
|---|---|
| هِيءُ ٻِلو آهي |  |
| هِيءَ ٻِلِي آهي |  |
| هِيءُ ٻَڪَرُ آهي |  |
| هِيءَ ٻَڪرِي آهي |  |

## مشق


پڙهو ۽ لکو:

ٻيرُ – ٻُڪُ – ٻَچو – ٻُوٽو

ٻُڏو – ٻارُ.

## سبق ٽيون

# پ

| | |
|---|---|
| هِيءُ پولِڙو آهي |  |
| هِيءَ پولِڙِي آهي |  |
| هِڪَ پِٽِ |  |
| هِڪَ پِينڊِي |  |

مشق:


پڙهو ۽ لکو:

پاءُ — پَلو — پِٽِ — پَٽُ.

پيڙَ — پُوتَ — پاندو — پَنڊارُ.

## سبق چوٿون

# ٿ

| | |
|---|---|
| هِيءُ ٿالُهه آهي |  |
| هِيءَ ٿالِهي آهي |  |
| هِيءُ ٿيلهو آهي |  |
| هِيءَ ٿيلِهي آهي |  |
| هِيءُ هَٿُ آهي |  |
| هِيءَ نَٿَ آهي |  |

### مشق

پڙهو ۽ لکو:

هَٿ – ڪَٿ – سَٿ.

## سبق پنجون

# ٽ

| | |
|---|---|
| هِيءُ ٽوپُ آهي |  |
| هِيءَ ٽوپِي آهي |  |
| هِيءُ ٽوڪِرو آهي |  |
| هِيءَ ٽوڪِري آهي |  |
| هِيءُ ٽانگو آهي |  |
| هِيءَ ٽنگَ آهي |  |

## مشق


پڙهو ۽ لکو:

ڪوٽُ – بُوٽ – ٽولو – ٽولِي – چوٽِي

ٽوٽَل – ٽيڪَ – ٽِڪِ ٽِڪِ – ٽاٽُ.

## سبق ڇهون

# ٺ

| | |
|---|---|
| هِيءُ ٺَپو آهي |  |
| هِيءَ ٺُونٺِ آهي |  |
| هِيءُ اُٺُ آهي |  |
| هِيءَ لَٺِ آهي |  |

### مشق




پڙهو ۽ لکو:

ٺَٺو- سُٺو- مِٺو- ٺَٺُ.

ٺاٺُ باٺُ- ٺَٺول- ٺوڪر- ٺيڙهي- ٺَهراءُ

# سبق ستون

# ڦ

| | |
|---|---|
| هِيءُ ڦِيٿو آهي |  |
| هِي ڦِيٿا آهن |  |
| هِيءَ ڦارَ آهي |  |
| هِي ڦارُون آهن |  |

## مشق


پڙهو ۽ لکو:

ڦُٽِي- ڦاٿُ- ڦاڙهو- ڦاروا.

ڦاڻَڪُ- ڦَلُ- ڦِڪو.

# سبق اَٺون

# ڄ

| | |
|---|---|
| هِيءُ ڄاهو آهي |  |
| هِيءَ ڄِڀَ آهي |  |
| هِيءُ ڄَمُون آهي |  |
| هِيءَ ڄارِي آهي |  |

## مشق


پڙهو ۽ لکو:

اَڄُ- ڇَڄُ- لَڄَ- راڄُ- ڪاڄا.

ڄَمُ- ڄامُ- ڄاڙِي- ڄانيو- لَڄارو.

# سبق نائون

# ڃ

| | |
|---|---|
| هِيءُ پِڃارو آهي |  |
| هِيءَ جَڃ آهي |  |
| هِيءُ پِڃرو آهي |  |
| هِيءَ پاڃارِي آهي |  |

## مشق

پڙهو ۽ لکو:

مُڃَ – اُڃَ – رُڃَ – اُڃايَلُ.

وَڃَڻُ – مَڃَڻُ.

# سبق ڏهون

# چ

| | |
|---|---|
| هِيءُ چوڪَرُ آهي |  |
| هِيءَ چوڪِري آهي |  |
| هِيءُ ڇَبو آهي |  |
| هِيءَ ڇَٻِي آهي |  |

# ڇا؟

| | | |
|---|---|---|
| هِيءُ ڇا آهي ؟ |  | هِيءُ هِڪُ ڇَٽُ آهي |
| هِيءَ ڇا آهي ؟ |  | هِيءَ هِڪَ ڇَتِي آهي |

## مشق



پڙهو ۽ لکو:

ڇِتِ ــ ڇاپَ ــ ڇُوتِ ــ ڇاپو.

پُڇُ ــ پُڇِڙِي ــ ڇِرڪُ.

# سبق يارهون

# ڏ

| | |
|---|---|
| هِيءُ ڌوٻِي آهي |  |
| هِيءُ اَڏُ آهي |  |
| هِيءُ ڌَنارُ آهي |  |

## مشق


پڙهو ۽ لکو:

اَڏَ – ٿَڌِ – ٿڌو – ڏَنْـڊو.

ڍِيان – ڏَنُ – ڏارَ.

## سبق ٻارهون

# ڏ

| | |
|---|---|
| هِيءُ ڏولُ آهي |  |
| هِيءُ ڏيڏِري آهي |  |
| هِيءُ ڏاڙُهون آهي |  |
| هِيءُ ڏاڪَڻِ آهي |  |

### مشق


پڙهو ۽ لکو:

ڏُر- ڏارُ- ڏورو- ڏورِ- ڏورِي- ڏُڪارُ.

ڏند صاف ڪر.

## سبق تيرهون

# ڊ

| | |
|---|---|
| هِيءُ ڊاڪِٽَرُ آهي |  |
| هِيءُ ڊِرائِيورُ آهي |  |
| هِيءَ ڊَبل روٽِي آهي |  |
| هِيءَ ڊاکَ آهي |  |

## مشق

پڙهو ۽ لکو:


ڊيل — ڊَپَ — ڊوڙ — ڊِگهو.

ڊَڪَڻُ — ڊَگَڙُ — ڊَهو — ڊَنْبُ.

گَجِيءَ جو وَڻُ ڊِگهو ٿِيندو آهي.

## سبق چوڏهون

# ڍ

| | |
|---|---|
| هِيءُ ڍَڳو آهي |  |
| هِيءَ ڍالَ آهي |  |
| هِيءُ واڍو آهي |  |
| هِيءَ ڍَنڍَ آهي |  |

## مشق

پڙهو ۽ لکو:


ڍورُ — ڍَرو — ڍيرُ.

زَمِين جِي ڍَلَ – ڪِير جو ڍُڪُ.

هِڪُ ڍَڪُ – هِڪَ رِڍَ – هِڪَ ڍَنڍَ

# سبق پندرهون

# ڙ

| | |
|---|---|
| هِيءُ هِڪِڙو ڪُڪُڙُ آهي |  |
| هِيءَ هِڪِڙي ڪُڪِڙِ آهي |  |
| هِيءُ هِڪِڙو گھوڙو آهي |  |
| هِيءَ هِڪِڙي گھوڙِي آهي |  |
| هِيءُ هِڪِڙو لُومَڙُ آهي |  |
| هِيءَ هِڪِڙي لُومِڙِي آهي |  |


## مشق

پڙهو ۽ لکو:

هِڪُ ڪُڪُڙُ – هِڪُ لَغڙُ – هِڪُ بَگھَڙُ.

## سبق سورهون

# ڪ

| | |
|---|---|
| هِيءُ ڪِتابُ آهي |  |
| هِي ڪِتاب آهن |  |
| هِيءَ ڪُرسِي آهي |  |
| هِي ڪُرسِيون آهن |  |

### مشق

پڙهو ۽ لکو:

ڪَراچِي- ڪَشمِير- ڪابُل- ڪيچُ- مڪرانُ.

چالاڪُ — شِڪارِي.

ڪَراچِي هِڪُ وڏو شهر آهي.

## سبق سترهون

# ڪ

| | |
|---|---|
| هِيءُ ڪَنڀُ آهي |  |
| هِيءَ کَٽَ آهي |  |
| هِيءَ اَکِ آهي |  |
| هِيءَ مَکِ آهي |  |

## مشق

پڙهو ۽ لکو:

پَکو- کُوهُ – کَنڌُ- کِيرُ- ڪاتو.


شامَ ڪان صُبح تائِين.

هِڪَ ڪان سَوَ تائِين.

اَکَرُ اَکَرُ ڪري پڙهو.

# سبق ارڙهون

# ڳ

| | |
|---|---|
| هِيءُ ڳيرو آهي |  |
| هِيءَ ڳوٿِرِي آهي |  |
| هِيءُ ڳوٺُ آهي |  |
| هِيءَ ڳئون آهي |  |

## مشق

پڙهو ۽ لکو:


ڳُڙُ – ڳُلُ – جڳُ – پڳَ.

ياڳُ- ساڳُ- جاڳُ- ڏِڳو- وَڳو- سَڳو.

ڏٺي سڳورو ياد ڪجي.

## سبق اوڻيهون

# ڱ

| | |
|---|---|
| هِيءَ آڱرِ آهي |  |
| هِيءُ آڱوٺو آهي |  |
| هِيءُ سِڱُ آهي |  |
| هِي سِڱَ آهن |  |

### مشق

پڙهو ۽ لکو:

مُڱُ: مُڱَ- آڱرِ: آڱريون- واڱڻُ: واڱڻَ.

چَڱو ڀلو- چَڱو شاگرِد .

چَڱائِيءَ جو بدلو چَڱائِي.

## سبق ويھون

# ڻ

| | |
|---|---|
| هِيءُ وَڻُ آهي |  |
| هِيءُ ڌَڻُ آهي |  |
| هِيءُ هَرَڻُ آهي |  |
| هِيءَ هَرِڻِي آهي |  |

### مشق

پڙهو ۽ لکو:

راڻو: راڻِي - سِياڻو: سِياڻِي.

ڪَٽڪَ جو داڻو - مَڪَڻَ جو چاڻو.

هاڻي مان سنڌيءَ جا ٻاونجاهہ اَکَرَ پڙهِي وَڃان ٿو.

سبق ايڪيهون

# حَمْد




گِيتَ ڏِڻيءَ جا ڳَڏجي ڳَايُون

جو تو ٿَڌڙا مِينهَن وَسائي،
باغَنِ ۾ جو اَنبَ پَچائي،

اَنَ پَچائي، گاهَ اُپائي،
عَرْش ۾ جو تارا ٽِمِڪائي-

تَنهن مالِڪ کي سَڀُ ساراهِيُون،
گِيتَ ڏِڻيءَ جا ڳَڏجي ڳَايُون.

# سبق ٻاويهون

## اسان جو نبي سڳورو صَلَّي الله عَلَيهِ وَعَليٰ آلِهِ وَاَصحَابِهِ وَسَلَّم

اسين مسلمان آهيون. اسان جو خدا هڪ آهي. اسان جو نبي هڪ آهي. اسان جي نبي سڳوري جو نالو حضرت مُحمّد رسول الله خَاتَم النَّبِيِّين صَلَّي الله عَلَيهِ وَعَليٰ آلِهِ وَاَصحَابِهِ وَسَلَّم (ترجمو: حضرت مُحمّد، الله تعاليٰ جو رسول آهي ۽ الله تعاليٰ جو آخري نبي ۽ رسول آهي، سندن (صَلَّي الله عَلَيهِ وَسَلَّم) ۽ سندن آل ۽ اصحاب سڳورن رضي الله عنهم اجمعين جي مٿان الله تعاليٰ جي رحمت ۽ سلامتي هجي) آهي. سندن والد جو نالو حضرت عبدالله آهي. سندن ماءُ جو نالو بيبي آمنہ رضہ آهي. پاڻ صَلَّي الله عَلَيهِ وَعَليٰ آلِهِ وَاَصحَابِهِ وَسَلَّم مَڪّي شريف ۾ ڄاوا هئا.

الله پاڪ، حضور صَلَّي الله عَلَيهِ وَعَليٰ آلِهِ وَاَصحَابِهِ وَسَلَّم جن کي رَسُول بنايو. الله پاڪ مٿن قرآن مجيد لاٿو. اسان جو نبي صَلَّي الله عَلَيهِ وَعَليٰ آلِهِ وَاَصحَابِهِ وَسَلَّم آخري رَسُولُ آهي. اسان جي نبي سڳوري صَلَّي الله عَلَيهِ وَعَليٰ آلِهِ وَاَصحَابِهِ وَسَلَّم جن فرمايو آهي تہ:



الله هڪ آهي.
نماز پڙهو.
ماءُ پيءُ جو چيو مڃو.
وڏن جو ادب ڪريو.
ننڍن سان پيار ڪريو.
علم حاصل ڪريو ۽ سچ ڳالهايو.

### مشق

پڙهو ۽ لکو:

الله- رَسُولُ- سڳورو- نماز- اَدب- عِلم- سَچُ.

سبق ٿيويهون


# ڳالھ ٻولھ

تُنْھِنْجو نالو ڇا آهي؟

مُنْھِنْجو نالو اڪبر آهي.

هِيءُ ڪيرُ آهي؟

هِيءُ مُنْھِنْجو پيءُ آهي.



هِي ڪيرَ آهي؟

هِيءَ مُنْھِنْجي ماءُ آهي.

هِيءَ ڪيرَ آهي؟

هِيءَ مُنْھِنْجي ڀيڻ آهي.

هِيءُ ڪيرُ آهي؟

هِيءُ مُنْھِنْجو ڀاءُ آهي.

**مشق**: پڙهو ۽ لکو:

پُٽُ: ڌِيءَ- چاچو: چاچِي- مامو: مامِي.

نانو: نانِي- ڏاڏو: ڏاڏِي.

سبق چوويهون

# واهہ ڙي تارا



وَاهہ ڙي تارا گولُ تارا!
روشَنُ تارا چِلڪي وارا!

سانِجهيءَ ٽاٽي نِڪرو ٿا،
اُيَ سَڀِي ۾ پَڪڙو ٿا!

چِلڪو چِمڪو ساري راتِ،
ڪَجي اَوَهان جِي ڪَهڙِي باتِ!

راتِ لَنگهِي يا باقِي چا؟
اَوِهين بَتايو واڻَ اِها!

جوتِ اَوَهان جِي جي نہ هُجي،
وَاٿَهَڙُو ڪَرَ واڻَ مُنهنجي.

سبق پنجويهون

# هَفتي جا ڏِينهَن

اَڄُ ڪَهِڙو ڏِينهُن آهي؟

اَڄُ سُومَرُ جو ڏِينهُن آهي.

ڪالَهه ڪَهِڙو ڏِينهُن هو؟

ڪالَهه آچَر جو ڏِينهُن هو.

سُياڻي ڪَهِڙو ڏِينهُن ٿِيندو؟

سُياڻي اڱاري جو ڏِينهُن ٿِيندو.

هَفتي ۾ گهڻا ڏِينهَن ٿِيندا آهن؟

هَفتي ۾ سَتَ ڏِينهَن ٿِيندا آهن.

مشق: هفتي جي ڏينهن جا نالا پڙهو ۽ لِکو:

سُومَرُ- اڱارو- اَربع- خَمِيس- جُمعو.

ڇَنڇَر- آچَرُ.

سبق چويهون

# اسان جو جهنڊو

## (نظم)



جَهنڊو پَنهِنجو پاڪِستانِي،
قومَ سَندِي جو آهي نِشانِي.

جَهنڊو جانِ ڪان آهي پِيارو،
روشنُ اُن ۾ چَنڊُ ۽ تارو.

رَنگُ اُنهيءَ جو آهي نِيارو،
سائو اَڇو واهَ جو پارو!

اُن سان آهي مانُ اَسان جو،
جَهنڊو آهي شانُ اَسان جو.

اَچو تہ گڏجِي گِيت هِي ڳايُون،
قومِي جَهنڊي کي جُهولايُون.

# هِڪَ کان سَوَ تائين اَنگَ

| | | | | | |
|---|---|---|---|---|---|
| 1 | هِڪُ | 17 | سَترَهن | 33 | ٽيٽِيهه |
| 2 | ٻَہ | 18 | اَرِڙَهن | 34 | چوٽِيهه |
| 3 | ٽي | 19 | اُوڻِيهه | 35 | پَنجَٽِيهه |
| 4 | چار | 20 | وِيهه | 36 | ڇٽِيهه |
| 5 | پَنج | 21 | ايڪِيهه | 37 | سَتَٽِيهه |
| 6 | ڇَهَ | 22 | ٻاوِيهه | 38 | اَٺٽِيهه |
| 7 | سَتَ | 23 | ٽيوِيهه | 39 | اُوڻيتالِيهه |
| 8 | اَٺَ | 24 | چووِيهه | 40 | چالِيهه |
| 9 | نَوَ | 25 | پَنجوِيهه | 41 | ايڪيتاليهه |
| 10 | ڏَهَ | 26 | ڇوِيهه | 42 | ٻائيتاليهه |
| 11 | يَارَهن | 27 | سَتاوِيهه | 43 | ٽيتاليهه |
| 12 | ٻَارَهن | 28 | اَٺاوِيهه | 44 | چوئيتاليهه |
| 13 | تيرَهن | 29 | اُوڻٽِيهه | 45 | پنجيتاليهه |
| 14 | چوڏَهن | 30 | ٽِيهه | 46 | ڇائيتاليهه |
| 15 | پَندرَهن | 31 | ايڪَٽِيهه | 47 | ستيتاليهه |
| 16 | سورَهن | 32 | ٻَٽِيهه | 48 | اٺيتاليهه |

| | | | | | |
|---|---|---|---|---|---|
| 49 | اُوڻونجاھ | 67 | ستھٺ | 85 | پنجاسي |
| 50 | پنجاھ | 68 | اٺھٺ | 86 | ڇھاسي |
| 51 | ايڪونجاھ | 69 | اُوڻھتر | 87 | ستاسي |
| 52 | ٻاونجاھ | 70 | سَتَر | 88 | اٺاسي |
| 53 | ٽيونجاھ | 71 | ايڪھتر | 89 | اوڻانوي |
| 54 | چوونجاھ | 72 | ٻاھتر | 90 | نوي |
| 55 | پنجونجاھ | 73 | ٽيھتر | 91 | ايڪانوي |
| 56 | ڇاونجاھ | 74 | چوھتر | 92 | ٻيانوي |
| 57 | ستونجاھ | 75 | پنجھتر | 93 | ٽيانوي |
| 58 | اٺونجاھ | 76 | ڇاھتر | 94 | چورانوي |
| 59 | اوڻھٺ | 77 | ستھتر | 95 | پنجانوي |
| 60 | سٺ | 78 | اٺھتر | 96 | ڇھانوي |
| 61 | ايڪھٺ | 79 | اوڻاسي | 97 | ستانوي |
| 62 | ٻاھٺ | 80 | اسي | 98 | اٺانوي |
| 63 | ٽيھٺ | 81 | ايڪاسي | 99 | نوانوي |
| 64 | چوھٺ | 82 | ٻياسي | 100 | سَو |
| 65 | پنجھٺ | 83 | ٽياسي | | |
| 66 | ڇاھٺ | 84 | چوراسي | | |